# 8. مائڪرو ڪهاڻيون

(۱) اڄ هوءَ ڏاڍي خوش هئي،
چو تہ اڄ کان اِسڪول شروع ٿي رهيا هئا.
هاڻي هوءَ اِسڪول پرسان اِسٽيشنريءَ جو سامان
وڪڻي پنهنجي مائٽن جي مدد ڪري سگهندي.

(۲) هميشھ هوءَ پنهنجي ڇهن سالن جي پُٽ کي
دڙڪا ڏيندي رهندي هئي،
”پُٽ ڇا ٿو ڪرين، ليڪ سڌي ڪڍ، ليڪ تنهنجي آڏي آهي“
۽ اڄ هوءَ اِسپتال ۾ ٻاڏائي رهي هئي.
”پُٽ تنهنجي اي. سي. جي (E.C.G) تي آڏي ڦڏي ليڪ اَچي“

(۳) اڄ چوطرف ’جئہ ماتا دي، جئہ ماتا دي جا نعرا لڳي رهيا هئا
۽ اڄ ئي هڪ پٽ پنهنجي ماءُ کي ٻڍا آشرم ۾ ڇڏي ويو.

(۴) اُهي سندس پيءُ کي ڪٽي
ويا ۽ ترنگو جهنڊو موٽائي ويا.

(۵) واھ! ڇا تہ شادمانا هئا، شاهوڪار جي گهر پٽ ڄائو هو،
واڌايون، واڌايون سڀ چئي رهيا هئا. پر سرڳہ ۾ ٽي
اَڻ - ڄاول ڀينرون روئي رهيون هيون.

## اَڀياس

**سوال ۱: هڪ سٽ ۾ جواب ڏيو :**

(۱) سُرڳہ ۾ ڪير روئي رهيون هيون؟
(۲) اِسپتال ۾ ماءُ پُٽ لاءِ ڪهڙي پرارٿنا ڪري رهي هئي؟
(۳) ننڍڙي ٻالڪا ڇو خوش هئي؟
(۴) هرطرف ڇا جا نعرا لڳي رهيا هئا؟

سوال ٢: هيٺ ڏنل لفظ اِستعمال ڪري جملا ٺاهيو.

(i) مدد (ii) آشرم (iii) جهنڊو (iv) شادمانا

## پورڪ اَڀياس

### (i) ڏنل ڪهاڻين تي عملي ڪم

(i) جوڙا ملايو : ڏنل سٽن کي آکاڻي نمبر سان ملايو :

| | |
|---|---|
| (.1) بيٽي پڙهايو. | آکاڻي 1، 2، 3، 4، 5 |
| (.2) بيٽي بچائو. | |
| (.3) جئه هند | |
| (.4) وڏن جو آڌر | |
| (.5) زندگيءَ جي ليڪ شل آڏي هجي | |

(ii) اُهي سندس پيءُ کي ڪٽي ويا ۽ ترنگو جهنڊو موٽائي ويا.

اِن ٻه - سٽي ڪهاڻيءَ جو مطلب سمجهايو .

(iii) نسبتي لفظن جا جوڙا ملايو :

| | |
|---|---|
| .1 وقت | .1 لباس |
| .2 موافق | .2 رنڌڻو |
| .3 پوشاڪ | .3 بادل |
| .4 ڊاڪٽر | .4 سنو |
| .5 هوائي جهاز | .5 وٽندڙ |
| .6 گئس ڪوُلو | .6 حساب |
| .7 ڪتاب | .7 پائلٽ |
| .8 برسات | .8 گهڙيال |
| .9 ليکو | .9 ليکڪ |
| .10 عمدو | .10 اسپتال |

سٽوُن پڙهي عملي ڪم ڪريو :-

(١) اَمان جي عمر ٧٠ سال کن هئي، هوءَ سنڌ جي هڪ ڳوٺ ۾ جائي هئي. هوءَ ٽڪاڻي ۾ گُرمُکي پڙهندي هئي. سندس وواهه ڪراچيءَ ۾ هڪ پڙهيل سان ٿيو.

هڪ لفظ ۾ جواب لکو :

١. امان جي عمر =..............................

٢. هڪ ٻولي = ..............................

٣. هڪ شهر =..............................

۴. هڪ پرڳڻو =..............................

۵. پوچا جو آستان =..............................

٦. هڪ عدد =..............................

٧. هڪ رشتو =..............................

٨. شاديءَ جو ساڳئي معني وارو لفظ =..............................

٩. اڻ پڙهيل جو ضد = ..............................

١٠. شهر جو ضد = ..............................

(٢) زالن واري هڪ لوڪ نرتيہ کي ”جُهمر“ چوندا آهن، ڪنهن بہ شُڀ ۽ خوشي ڏيندڙ موقعي تي زالون جُهمر هڻنديون آهن. جُهمر هڻندڙ عورتون گول گهيرو ٺاهي بيهنديون آهن. ٻيون زالون ڍولڪ، ٿالهہ ۽ تاريون وڄائينديون آهن. جهمر وجهندڙ زالون ڳائينديون ۽ نچنديون آهن. (مثال سمجهي حل ڪريو.)

(١) ڳائينديون - ڳائڻ : نچنديون = ☐

(٢) شُڀ - اشڀ : خوشي = ☐

(٣) لوڪ نرتيہ - جُهمر : هاٿو ڪو نرتيہ = ☐

(۴) جُهمر - لوڪ نرتيہ : ڪٽڪلي = ☐

(۵) عورت - عورتون : موقعو = ☐

(٣) رات جا ٻہ وڳا هئا، مون اَڀياس ويٺي ڪيو. ..........................
ڏنل ست سان شروعات ڪري آکاڻي پوري ڪريو.

C86RL1

# خط

تاريخ: ٢٠١٨.٧.١٨

سيڪريٽري،

وويڪانند سنڌي ودياليہ سوسائٽي

ڪولهاپور.

وشيہ:- بيسٽ اِسڪول اِنعام

مانيور سيڪريٽري صاحب،

توهان کي اِهو ٻڌائيندي خوشي ٿي رهي آهي تہ ’اَسان جو اِسڪول‘ ’سوڇ اَڀيان‘ ’پرتيوگتا‘ ۾ اَول نمبر کٽيو آهي. اِها توهان جي ڪوشش هئي. توهان جوُن جي مهيني ۾ خاص ميٽنگ وٺي، ٻارن کي صفائي ۽ صحت بابت رهنمائي ڪري، اُنهن ۾ اُتساهہ ڦوڪيو. بس پوءِ تہ سڀني ٻارن جڻ اِهو پنهنجو ڌرم سمجهي، سڄي اِسڪول ۽ پسگردائي جي پاڻ صفائي ڪري، ايراضيءَ ۾ رهندڙ ماڻهن کي صفائيءَ جي اَهميت سمجهائي.

جڏهن سرڪاري عملو اَسان جي اِسڪول ۾ سروي ڪرڻ آيو تہ اِسڪول جي شاندار صفائي ڏسي دنگ رهجي ويو.

اَسان جي اِسڪول کي بيسٽ اِسڪول لاءِ ٽرافي ۽ سرٽفڪيٽ جي اِنعام سان نوازيو ويو.

شيوا ۾

هيڊماسٽر،

وويڪانند سنڌي ودياليہ،

ڪولهاپور.

مشغولي: (١) اِسڪول جي هيڊماسٽر ڏانهن بيماريءَ سبب موڪل وٺڻ بابت خط لکو.

(٢) ميونسپل عملدار ڏانهن وارڊ ۾ جمع ٿيل ڪچرو هٽائڻ بابت خط لکو.

(٣) پنهنجي ماءُ وٽان مليل جنم ڏينهن جي سوکڙي لاءِ ڪيس شڪراَدائي ڪندي خط لکو.

(٤) پنهنجي دوست / ساهيڙي کي گهمي آيل هنڌ بابت ذڪر ڪندي خط لکو.